روزاني

سنڌيار

سکر

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) جمع 17 فيبروري 2023ع بمطابق 25 رجب المرجب 1444هـ (قيمت 10 روپيا) شمارو 265

عمران خان جو صدر کي خط، جنرل (ر) قمر جاويد باجوا خلاف تڪڙي جاچ جو مطالبو

ڪجهه ڏينهن دوران عوامي سطح تي ڇرڪائيندڙ انڪشاف ٿيا، ڇاڻ سان واضح ٿئي ٿو ته جنرل باجوا پنهنجي حلف جي ڀڃڪڙي ڪئي : خط جو متن

باجوا کي اهو اختيار ڪنهن ڏنو ته چونڊيل وزيراعظم بابت فيصلو ڪري، فيصلو رڳو عوام جو آهي، جنرل باجوا جو پاڻ فيصلو آئين جي آرٽيڪل 244 جي ڀڃڪڙي آهي

جنرل باجوا پنهنجي گفتگو ۾ نيب کي ڪنٽرول ڪرڻ جي دعويٰ به ڪئي، تسليم ڪيائين ته شوڪت ترين خلاف نيب جو ڪيس ختم ڪرايو

صدر ۽ پاڪ فوج جو سپريم ڪمانڊر هجڻ جي حيثيت سان توهان جي آئيني ذميواري آهي ته توهان معاملي جو فوري طور نوٽيس وٺو

جاچ ذريعي پتو لڳايو وڃي ته ڇا آئين تحت آرمي چيف جي حلف جون اهڙيون ڀڃڪڙيون ڪيون ويون آهن

جنرل باجوا سيڪيورٽي ڪانفرنس ۾ روس— يوڪرين جنگ تي حڪومتي پاليسي جي ابتڙ موقف اختيار ڪيو

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان صدر عارف علوي کان اڳوٽي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا جي بيانن جي تڪڙي جاچ جو مطالبو ڪري چڏيو عمران خان طرفان صدر کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

صدر عارف علوي، پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان، اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا (فائيل فوٽو)

اوگرا پيٽروليم ڊويزن جي سفارش تي گئس جي قيمتن ۾ 112 سيڪڙو تائين واڌ ڪري چڏي

اسلام آباد (م ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي، (اوگرا) پيٽروليم ڊويزن جي سفارش تي گئس جي قيمتن ۾ 112 سيڪڙو تائين واڌ ڪري چڏي. اوگرا طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، گهريلو واهپيدارن سميت مختلف شعبن جي لاءِ گئس 16 کان 112 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

”حڪومت پئسا ۽ فوج سيڪيورٽي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، شفاف چونڊون ڪيئن ڪرايون؟“ چيف اليڪشن ڪمشنر

اليڪشن ڪميشن هڪجهڙي پاليسي تحت پوري صوبي ۾ مقررين ۽ بدلين جي اجازت ناهي ڏني، ڪجهه ڪمشنر، ڊي سي ۽ آر پي او وغيره جون بدليون ضروري هيون : سڪندر سلطان راجا

اليڪشن ڪميشن جا اختيار محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، فوج کي سيڪيورٽي جو چئون ٿا ته هُو نٿا ڏين، ماتحت عدالت 2018 ۾ اسٽاف ڏنو، هاڻي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي

حڪومت اليڪشن جي لاءِ پئسا نٿي ڏئي، اليڪشن ڪميشن جا اختيارات روڪيا ويا آهن، اهڙي صورتحال ۾ صاف ۽ شفاف چونڊون ڪيئن ڪرايون؟

توهان ان مسئلي تي حڪومت سان رابطو ڪيو آهي؟(جسٽس اعجاز الحسن)حڪومت کي پنهنجن سمورن مسئلن کان ڪيو آهي: چيف اليڪشن ڪمشنر

جيڪڏهن ڪجهه ڪمشنرن، ڊي سي، آر پي او، ڊي پي اوز جون بدليون نه ٿيون ته چونڊون شفاف نه ٿيندڙيون، عدالت حڪم ڏيندي ته بدليون نه ڪرڻ ڏيندا سين : سڪندر سطان راجا

سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر ٽرانسفر ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جي طرفان فوري طلب ڪرڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر عدالت ۾ پيش ٿيو

اسلام آباد (م ڊ) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چونڊن جي صورتحال بابت سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪري چڏيو. سي سي پي او لاهور غلام محمود ڊوگر ٽرانسفر ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ جي طرفان فوري طلب ڪرڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر عدالت ۾ پيش ٿيو. چيف اليڪشن ڪمشنر جو چوڻ هو ته عدالت اجازت ڏئي ته ان موقعي جو فائدو وٺي ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. چيف اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا (فائيل فوٽو)

مراد علي شاهه ۽ پاڻي بابت وفاقي وزير ۾ ڪي-فور سميت ٻين منصوبن کي حل ڪرڻ تي اتفاق

اعليٰ سطحي اجلاس ۾ حب ڪينال منصوبن سميت سمورن مسئلن کي حل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سيڪريٽري بلديات نجم شاهه، سيڪريٽري آبپاشي سهيل قريشي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

منصوبو پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائي معاشي سرگرمين ۽ غربت ۾ گهٽتائي آڻيندو: مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ پاڻي بابت وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه وچ ۾ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڪي-فور (K_IV)، آر بي او ڊي (RBOD_I&III)۽ حب ڪينال منصوبن سميت سمورن مسئلن کي حل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن بابت رپورٽ پيش

شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 122 واقعا رپورٽ ٿيا: ايڊيشنل آءِ جي جاويد اوڊو

هڪ ڪار ڦري 4 ڪارون چوري، 7 موٽرسائيڪل ڦرڻ سميت 65 چوري ٿيڻ جا واقعا آهن ۽ 8 مقابلا ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڊو رپورٽ پيش ڪئي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪوئيٽا: ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس ۾ ڏماڪي بعد ٽرين بيٽل آهي

ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس ۾ ڏماڪو، عورت سميت 2 ڄڻا مارجي ويا

ترين ۾ ڏماڪو ميان چنون ۽ چيچا وطني جي وچ ۾ پيش آيو

ڏماڪي ۾ عورت سميت 2 ڄڻا مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي پيا

چيچا وطني ۽ اهران ترين کي بيهاري بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي گهرايو ويو

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪراچي: ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس ۾ ڏماڪو، عورت سميت 2 ڄڻا مارجي ويان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته ترين ۾ ڏماڪو ميان چنون ۽ چيچا وطني جي وچ ۾ پيش آيو هڪ اڪيون ڏني شاهد جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي حفاظتي ضمانت واري درخواست رد ڪري چڏي

لاهور هاءِ ڪورٽ عمران خان کي پيشي لاءِ 5 ڀيرا مهلت ڏني پر عمران خان پيش نه ٿيو

عدالت عمران خان طرفان پيش نه ٿيڻ جي صورت ۾ سندس حفاظتي ضمانت واري درخواست ڪئي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي حفاظتي ضمانت واري درخواست رد ڪري چڏي آهيلاهور هاءِ ڪورٽ عمران خان کي پيشي لاءِ 5 ڀيرا مهلت ڏني پر عمران خان پيش نه ٿيو عدالت عمران خان طرفان پيش نه ٿيڻ جي صورت ۾ سندس حفاظتي ضمانت واري درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف زلزلي متاثرين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ترڪيه پهچي ويو

وزيراعظم شهباز شريف جي خصوصي جهاز انقره ايئرپورٽ تي لينڊ ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف ۽ پاڪستاني وفد جو انقره ايئرپورٽ تي استقبال ڪيو ويو

انقره (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف زلزلي متاثرين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ترڪيه پهچي ويو. ايوي ايشن ڊويزن موجب وزيراعظم شهباز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

انقره: وزيراعظم شهباز شريف صدر طيب اردگان سان ملاقات ڪري رهيو آهي

مني لانڊرنگ ڪيس، ايف آءِ اي فرح گوگي ۽ سندس مڙس کي طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) ايف آءِ اي مني لانڊرنگ جي الزام ۾ احسن جميل گجر ۽ سندس گهرواري فرح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: ايف نائين پارڪ ۾ عورت سان زيادتي ۾ ملوث 2 جوابدار مارجي ويا: پوليس

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي ايف نائين پارڪ ۾ عورت سان لڄالت واري واقعي ۾ ملوث 2 جوابدار مقابلي دوران مارجي ويا آهنان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته سيڪٽر ڊي 12 ۾ پوليس ناڪي تي جوابدارن حملو ڪيو، جوابي فائرنگ ۾ 2 جوابدار زخمي ٿي ٻيا پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان ۾ ٻه ملڪ آهن، هڪ غريب جو ۽ ٻيو اميرجو: مصدق ملڪ

ايس ايس جي سي ۾ جيڪو چوري ڪندو، اهو نوڪري وڃائيندو

گئس چوري جو بار غريب تي پوندو آهي ۽ اميربچي ويندو آهي

سستي تيل لاءِ روس سان معاهدو ٿي ويو آهي، مارچ کان تيل پهچڻ شروع ٿي ويندو

اسلام آباد (م ڊ) پيٽرليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي اعتراف ٿو ڪيان ته غريب ڏکئي دور مان گذري رهيو آهي، هتي به ملڪ آهن، هڪ غريب جو ۽ ٻيو اميرجو ڊي نيوجر سمت سان خطاب ڪندي مصدق ملڪ چيو ته سوئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

حڪومت تيل اگهن ۾ واڌ بعد ايل پي جي قيمتن ۾ اضافو ڪري چڏي

ايل پي جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

ايل پي جو گهريلو سلينڊر 26 روپيا 62 پئسا مهانگو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت تيل اگهن ۾ واڌ بعد ايل پي جي قيمتن ۾ به اضافو ڪري چڏي آهي ايل پي جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

راڻا ثناءَ الله، پرويز الاهي ۽ سندس وڪيلن جي مبينا آڊيو ليڪ جاري ڪري چڏي

چوڌري پرويز الاهي جي مبينا آڊيو سامهون آئي : راڻا ثناءَ الله

قانون واري وزارت کان پڇي ايف آءِ اي پرويز الاهي کي گرفتار ڪري

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي ۽ سندس وڪيلن جي مبينا آڊيو ليڪ جاري ڪري چڏي. اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَ الله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

”جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان آمريڪي مفادن لاءِ اهم آهي“ آمريڪي پرڏيهي وزير

پاڪستان ۾ بليم گيم بابت تبصرو نه ڪندس : ترجمان نيڊ پرائس

پروپيگنڊا ۽ غلط ڄاڻ کي ٻن طرفن لاڳاپن ۾ رنڊڪ بڻجڻ نه ڏيندا سين

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان نيڊ پرائس چيو آهي ته پهريان به چئي چڪا آهيون ته رجيم چينج جي حوالي سان آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي مريم نواز سان ملاقات

شاهد خاقان عباسي مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز سان ملاقات ڪئي

ٻنهي سياسي اڳواڻن وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات هڪ ڪلاڪ 25 منٽن تائين جاري رهي

لاهور: (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز سان اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ملاقات ڪئي آهي. ماڊل ٽائون لاهور ۾ اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي انعام حيدر تقريب کي خطاب ڪندي

وفاقي حڪومت کي غريبن جو ڪو احساس ئي ناهي: رمضان بليدي

25 ۽ عام شين تي 18 سيڪڙو سيلز ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي مذمت ڪيون ٿا

، پي ڊي ايم حڪومت غريب عوام جي گهرن جا چلها وسائڻ ۾ ڪابه ڪسر ناهي ڇڏي

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ڪراچي سنڌ نيشنل پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين رمضان بليدي وفاقي حڪومت پاران هڪ پيپرو پيهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 36

عمران خان روز ٽي وي تي اچي ٻين تي الزام مڙهي ٿو: شيري رحمان

سياسي ضابطا اخلاق بنائڻ ۽ عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي

الزام لڳائڻ ۽ گارگند سان ملڪ پهريان ئي ورهائجي چڪو آهي

اسلام آباد (بيورو) ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

پيٽرول اگهن ۾ واڌ ۽ مني بجيٽ خلاف عوام روڊن تي نڪري آيو

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف ميهڙ، سجاول، اڪري چوڌڳي ۽ ٻين شهرن ۾ مظاهرا ڪري ڌرٽا هنيا ويا

سجاول جي ڪراچي بدين روڊ تي رڪشا يونين، سوزوڪي يونين ۽ شهرين ڌرٽو هنيو، روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب سرين گاڏيون بيهجي ويون

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ بعد پيٽرول 22 روپيا 20 پيسا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي(م ڊ) پيٽرول جي اگهن ۾ هڪ ڏڪ سان 22 روپين جي واڌ ۽ مني بجيٽ خلاف ماڻهو رستن تي نڪري آيا شهرين جو چوڻ آهي ته حڪومت عام ماڻهوءَ جي جيئڻ جا سڀ دڳ بند ڪري چڏيا آهن. ماڻهن کي خودڪشي ڪرڻ لاءِ مجبور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: مهانگائي خلاف شهري روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌهاءِ ڪورٽ ۾ نئي بجيٽ جي خلاف درخواست داخل ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌهاءِ ڪورٽ ۾ نئي بجيٽ جي خلاف درخواست داخل ڪئي وئي آهي. قانون دان مولوي اقبال حيدر درخواست داخل ڪري موقف اختيار ڪيو ته غريب عوام مهنگائي ۾ مارجي وئي آهي. رات جي اندر پيٽرول تي 20 رپين جو اضافو ڪيو ويو آهي. هن جو چوڻ هو جيڪي عام شيون آهن هنن ٽيڪس لڳايا ويا آهن. ملڪ جي صورتحال ۾ منافع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عدالت دانيا بي بي کي وڏو رليف ڏئي چڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ دانيا شاهه جي ضمانت جي رقم گهٽ ڪرڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عدالت درخواست اڪلائيندي دانيا بي بي جي ضمانت جي رقم 5 لک ڪري چڏي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ مرحوم قومي اسمبلي ميمبر عامر لياقت جي ٽين گهرواري دانيا بي بي جي ضمانت جي رقم ۾ گهٽتائي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي ۽ انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر سستو ٿيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جو قدر هڪ رپيو ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ 50 پئسا گهٽيو آهي. انٽر بئنڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنڪرز ٽرائيب ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ ڪراچي پاران ترقيءَ بابت ويهڪ

پائيدار ترقيءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون" جي عنوان هيٺ فڪري تقريب منعقد

نوجوانن کي پائيدار ترقي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪاوشون ۽ حڪمتِ عملي جوڙڻ تي زور پريو ويو

اوبناش ڪمار، ڊائريڪٽر ٽنڪرز ٽرائيب ۽ مسٽر رميش ڪمار، هيڊ آف پبليڪيشن اينڊ ميڊيا مهمانن جو آڏرياءَ ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ٽنڪرز ٽرائيب ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ ڪراچي پاران "پائيدار ترقيءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون" /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسٽيٽ بئنڪ اندروني ۽ ٻاهرين قرضن جا تفصيل جاري ڪري چڏيا

پاڪستان تي قرضن جو مجموعي بار 51 هزار ارب رپين تائين وڃي پهتو آهي : پڌرائي

پاڪستان تي هڪ مهيني ۾ ٻاهرين قرض 94 ارب رپيا گهٽ ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان پاڪستان جي ذمي اندروني ۽ ٻاهرين قرضن جا تفصيل جاري ڪري چڏيا. پڌرائيءَ موجب پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌهاءِ ڪورٽ پرڏيهي درآمد ڪرڻ واري ٽريڪٽرن کي ضبط ڪرڻ جي خلاف درخواست جي پڌٽي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌهاءِ ڪورٽ پرڏيهي درآمد ڪرڻ واري ٽريڪٽرن کي ضبط ڪرڻ جي خلاف درخواست جي پڌٽي ٿي. عدالت اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمنٽ کي هدايت ڪئي ته درخواستگذار جي ڪاغذن جي روشني ۾ ٽريڪٽرن کي ريليز ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

آهي ڪو مالڪ پڇاڻو ڪريون ته ڊالر افغانستان ڪيئن پيو اسمگل ٿئي؟ نور عالم

15 رپين جي دوا 100 رپين ۾ ملندي، عوام تي ٽئڪس لڳايو ٿا ته سهولتون به نه ڏيو

غريبن لاءِ بجلي مهانگي نه ڪيو، هن چيو ته عوام لوڊ شيڊنگ کان تنگ آهي، باقي آفيسر ڏڻن ڪمرن ۾ مزا ڪري رهيا آهن

مفت يونٽ ڏيڻ بند ڪري غريب عوام لاءِ بجلي مهانگي نه ڪيو، غريبن لاءِ بجلي مهانگي نه ڪئي وڃي

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو سربراهه نور عالم

اسلام آباد (م ڊ) پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو سربراهه نور عالم خان مهانگائي ۽ ٽئڪسن جي پرمار تي ڪاوڙجو اظهار ڪندي چيو آهي ته 15 رپين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مان نه حڪومت جو حصو آهيان نه ئي هيءَ منهنجي حڪومت آهي: مريم نواز

اسان جي حڪومت ڏڻهن هوندي جڏهن نواز شريف پاڪستان ۾ هوندو

موجوده حڪومتي ڪارڪردگي جي ذميوار ن ليگ ناهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ جي سنيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز جي نوجوان اڳواڻن سان ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نيوزيلينڊ ۾ ساموندي طوفان جي تباهي، 5 ڄڻا اجل جو شڪار، هزارين ماڻهو بي گهر

طوفاني برساتن ڪانپوءِ آيل ٻوڏ سبب نوَ هزار ماڻهو بي گهري ٿي ويا

متاثر علائقن ۾ بحالي جون ڪوششون جاري آهن، ڪجهه شهرن سان زميني رابطو ڪٽجي ويو

متاثر علائقن ۾ هيلي ڪاپٽرن جي مدد سان پاڻي، خوراڪ ۽ فيول ماڻهن تائين پهچايو پيو وڃي : رپورٽ

ڪراچي (م ڊ) نيوزيلينڊ ۾ گبريئل نالي ساموندي طوفان تباهي مچائي چڏي آهي جنهن سبب مختلف حادثن ۾ فوت ٿيندڙ ماڻهن جو انگ پنج ٿي ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽس مرجب طوفاني برساتن ڪانپو، آيل ٻوڏ سبب نوَ هزار ماڻهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نيوزيلينڊ ۾ آيل طوفاني برسات سبب پاڻي آبادين ۾ ٻيهڻ نظر آيو پيو آهي

اسڪول ۾ آپگهات ڪندڙ شاگرد ياٽي مومنا جو آخري خط سامهون اچي ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي نجي اسڪول ۾ ٽين ماڙ تان ٽپو ڏئي آپگهات ڪندڙ شاگرد ياٽي مومنا ناريجو جي آخري تحرير سامهون اچي وئي. جنهن سڀني کي ڏکارو ڪري چڏيو آهي. ٽيلهي مان هٿ آيل آخري خط ۾ نينگري ميار ڏني آهي ته ٻين جي طبعيت خراب ٿيڻ تي والدين کيس ٽيوشن تي ته موڪليو ۽ جڏهن مان مٽي ۾ سوري جي دانهن ڪئي ته انهن زبردستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سعيد غني جي مخالف ڏرجي ليڊر حليم عادل شيخ جي خلاف هتڪ عزت جي ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل سيشن جج ڏڪڻ جي عدالت صوبائي وزير سعيد غني جي مخالف ڏرجي ليڊر حليم عادل شيخ جي خلاف هتڪ عزت جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت حليم عادل شيخ جي بريت ۽ عدالتي حدودجي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

احتساب عدالت نواز شريف خلاف پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس نيب ڏانهن واپس اماڻي چڏيو

پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس ۾ نواز شريف کي اشتهاري قرار ڏنو ويو هو

عدالت ۾ نواز شريف جي ملڪيت جي نيلامي تي اعتراض ٻڌڻي هيٺ هئا

لاهور (م ڊ) لاهور جي احتساب عدالت اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف خلاف پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس نيب کي واپس اماڻي چڏيو عدالت نيب ترميمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سکر ۾ پيپلز بس سروس جو باقاعده آپريشن شروع ڪري رهيا آهيون: شرجيل انعام

لاڙڪاڻو ۽ حيدرآباد ۾ ڪامياب سروس ڪانپوءِ سکر جا ماڻهو سواري مان فائدو حاصل ڪري سگهندا.

پيڙي اسٽاپ ، عطا حسين ڊگري ڪاليج، ڊائيوو بس ٽرمينل، ايس آءِ يو ٽي سکر، سٽي پوائنٽ تي پهچندي

حڪومت پيپلز بس سروس جي فليگ شپ منصوبي کي صوبي جي وڏن شهرن تائين وڌائي رهي آهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات. ٽرانسپورٽ، ماس ٽرانزٽ ڪاتن واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سکر جي عوام کي جنهن گهڙي جو هو انتظار اها گهڙي اچي ويئي آهي. سياڻي جمعي ڏينهن ٽرانسپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

شيخ رشيد جي ضمانت منظور، آزاد ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ شيخ رشيد جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي

ايڊيشنل سيشن جج هل الزام جي بنياد تي ضمانت خارج ڪئي : شيخ رشيد جو وڪيل

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

آڊيو ليڪ ڪيس: شوڪت ترين کي اشتهاري قرار ڏيڻ لاءِ ايف آءِ اي ڪارروائي شروع ڪري چڏي

شوڪت ترين جو نالو اي سي ايل ۾ وجهڻ ۽ ڪيس اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع ڪئي وئي

اشتهاري قرار ڏيڻ کان پوءِ ايف آءِ اي شوڪت ترين کي گرفتار ڪرڻ لاءِ قدم کڻندو

ناٽي واري اڳوڻي وفاقي وزير جي گرفتاري لاءِ انٽرپول کان به مدد ورتي ويندي

مهراڻ، دائود، نصرت، اروڙ، آءِ بي اي سکر، ٽيڪنيڪل ۽ شهيد الله بخش ۾ نوان وي سي مقرر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد شاهه ٻرڳٽي جي 7 مادرعلمين جي 4 سالن لاءِ مستقل وي سيز جي منظوري ڏئي چڏي. 7 مان 6 وي سيز جو مهراڻ ورسٽي سان تعلق رهيو آهي. ان ڏس ۾ ڪالهه وزيراعليٰ مراد شاهه سليڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي ناٽي واري وزير شوڪت ترين تي غداري جي ڪيس ۾ ايف آءِ اي وڏيڪ اڳيراڻي شروع ڪري چڏي آهي. ايف آءِ اي ڏريمن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

آمدني ڪان وڌيڪ اثاثا: پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي ضمانت منظور

عثمان بزدار آمدني ڪان وڌيڪ اثاثن جي ڪيس ۾ لاهور جي احتساب عدالت ۾ پيش ٿيو

احتساب عدالت عثمان بزدار جي درخواست منظور ڪندي ڪيس عبوري ضمانت ڏئي چڏي

لاهور (م ڊ) لاهور جي احتساب عدالت آمدني ڪان وڌيڪ اثاثن جي ڪيس ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير عثمان بزدار جي ضمانت منظور ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

ٹٽي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ٽائون ڪميٽي جي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

ٽائون ڪميٽي مڪلي اندر گذريل ٻن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

ٻوڏ سبب ڄاڻائي سندن پگهارن مان هر مهيني 3 کان 4 هزار رپيا کٽوتي ڪئي وڃي ٿي:اڳواڻ

ٻن مهينن کان بند پگهارون ڏنيون وڃن رٽائرڊ ملازمن کي سندن رٽائرمنٽ جا پيسا ڏنا وڃن: ڳالهيون

ٽٽو(بيورو رپورٽ) ٽٽي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي ٽائون ڪميٽي جي ملازمن پاران ٽائون ڪميٽي مڪلي اندر گذريل ٻن مهينن کان پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو. ملازمن جو چوڻ هو ڪہ تہ ڪين وقت سر پگهارون نٿيون ڏنيون وڃن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽٽي: مڪلي ٽائون ڪميٽي جي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽٽي اندر ڪيترين ئي موبائيل فون ڪمپنيون متعارف ٿيڻ باوجود سروس نالي ماٽر

ٽٽو(�) ٽٽي ضلعي اندر ڪيترين ئي موبائيل فون ڪمپنيون متعارف ٿيڻ باوجود انهن جي سروس نالي ماٽر رهجي ويئي آهي. ڪو موبائيل نيٽ ورڪ صحيح نموني ڪم نہ ڪرڻ ڪري صارفين سخت پريشان آهن تہ ٻئي طرف PTCL جي حالت بہ ساڳئي وڃي رهي آهي. جنهن جي سروس واءِ فائيو تي نہ هلڻ ٻاهر هجڻ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

تنڊو محمد خان ۽ تعلقي تنڊو غلام حيدر ۾ هر روز لکين روپين جي منشيات وڪرو

منشيات فروشن کي پوليس آشيرواد حاصل هجڻ ڪري منشيات فروش لاڳاپيل آهن

عثمان ٻپر کي سندس ٻاءِ پوليس اهلڪار انور ٻپر جو مڪمل آشيرواد حاصل آهي:ذريعا

تنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) تنڊو محمد خان ضلعي ۽ تعلقي تنڊو غلام حيدر ۾ هر روز لکين روپين جي مين پڙي جو سرعام وڪرو بند نہ ٿي سگهيو منشيات فروشن کي پوليس آشيرواد حاصل هجڻ ڪري منشيات فروش لاڳاپيل انتظاميہ کان بہ بي قابو جڏهن تہ سٽر موري پرسان پوليس اهلڪار انور ٻپر ۽ سندس ٻاءُ ماضي ۽ مستقبل جو مها منشيات فروش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

عالمي پيرا ميڊڪس جي ڏهاڙي جي موقعي تي نوشهرو فيروز ۾ اڳواڻن پاران واڌايون

پيراميڊڪس ايسوسيئيشن پاران ڪيڪ ڪاٽي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ويون

سنڌ سرڪار پيراميڊيڪل اسٽاف جي حقن تي ڏاڙو هنيو ويئي آهي:اڳواڻن جون ڳالهيون

پروفيشنل رسڪ الائونس جهڙا جائز مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود نوٽيفڪيشن نہ ٿو ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز : (رپورٽ منظور ملڪ) عالمي پيرا ميڊڪس جي موقعي تي سجي دنيا جيان سنڌ جي ننڍن وڏن اسپتالن ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن پاران ڪيڪ ڪاٽي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ويون ان موقعي تي اڳواڻن خادم حسين مستوئي محمد زاهد آرائين بشير احمد لاشاري اعجاز ممنائي محمد قاسم کوسو ۽ ٻين چيو تہ پراميڊڪس ڪاونسل نهڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

عالمي پيرا ميڊڪس جي ڏهاڙي جي موقعي تي نوشهرو فيروز ۾ اڳواڻن پاران واڌايون ڏنيون ويون

دادو ۾ تمام هوٽلن ۽ ريڙهن تي چانهہ وڪرو ڪندڙن پاران فارملين جو استعمال

دادو(ن سنڌيار)دادو ۾ تمام هوٽلن ۽ ريڙهن تي چانہ وڪرو ڪندڙن پاران مبينا طور اڪثر ڪير ۾ "فارملين ڪيميڪل" ملائي ان مان چانہ تيار ڪئي وڃي ٿي. جتي شهري انيڪ بيمارين جهڙوڪ معدي جي بيماري، ڪاري ڪاسڻ، دل جي بيماري، گوڏي ۽ ٻين بيماري ۾ وڪوڙجي وڃن ٿا جڏهن تہ ڪيميڪل جي استعمال سبب ڪينسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ڪوٽ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين شپ لاءِ پ پ پاران نور محمد منڌرو مضبوط اميدوار

پ پ جو عظيم چانڊيو نايابشاه ۽ وارڊ نمبر چار تي پ پ جو اميدوار وڪرم ايسرداس بہ اميدوار آهي

ميرمنور ٽالپر ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ جي حتمي چيئرمين جي نالي جو فيصلو نہ ڪري سگهيا

وارڊ نمبر 4 تي بيلٽ پيپر ۾ نشان غلط هڻڻ ڪري اليڪشن ملتوي ڪئي وئي هئي:ذريعن جي دعويٰ

نئون ڪوٽ(رپورٽ ممتاز جوڻيجو) نئون ڪوٽ ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين شپ لاءِ پ پ ستي نئون ڪوٽ جو صدر نور محمد منڌرو مضبوط اميدوار جڏهن تہ پ پ جو عظيم چانڊيو نايابشاه ۽ وارڊ نمبر چار تي پ پ جو اميدوار وڪرم ايسرداس بہ چيئرمين شپ جو خواهشمند ايم پي اي ميرطارق ۽ ايم اين اي ميرمنور ٽالپر ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ جي حتمي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پ پ بدين جي اطلاعات سيڪريٽري پاران انڪم سپورٽ ۾ بدنظمي جو اعتراف

رشوت عيوض پري پري کان پاڙا پري ايندڙ عورتن کي رجسٽرڊ ڪيو پيو وڃي: پ پ اڳواڻ

رشوت نہ ڏيندڙ تقريبن روز 300 کان وڌيڪ غريب بزرگ عورتن کي واپس موٽايو پيو وڃي

نہ وري عورتن کي پيئڻ جي پاڻي ۽ ويهڻ جي سهولت مهيا ڪئي وئي آهي، ڊي سي نوٽيس وئي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي بدين جي اطلاعات سيڪريٽري اميرحسن ڪوسو اعتراف ڪندي چيو آهي تہ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ عورتن کي رجسٽرڊ ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل سروي سينٽرن تي 500 يا 1000 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين. بي نظيرانڪم سپورٽ پروگرام جي رجسٽريشن سينٽر تي عورتن جو هجوم

مني بجيٽ عوام دشمن بجيٽ آهي، مهانگائي سان گڏ بيروزگاري وڌندي: ايڊووڪيٽ لعل شاهہ

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) مني بجيٽ عوام دشمن بجيٽ آهي، جنهن ۾ مهانگائي سان گڏ بيروزگاري وڌندي. آءِ ايم ايف جي ڳرن شرطن مڃڻ لاءِ عوام دشمن مني بجيٽ پيش ڪئي وئي آهي جيڪا سان ملڪ ۾ مهانگائي جو وڏو طوفان اُٿي ڇڏيندي. ڪرپٽ حڪمرانن ملڪ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو ۽ ڦريو آهي. ڪرپٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

غوثپور ۽ آسپاس ۾ امن قائم نہ ٿيو- نئين آيل ايس ايس پي کي ڏوهارين جو چئلينج

اڻ ڄاتل هٿيارٻندن جي سڪر کان سوات ويندڙ مچي سان پيريل مزدا تي اندا ڌند فائرنگ ڪئي وئي

مزدا جي ڪلينر روهڙي واسي پير بخش ميراڻي کي زبردستي گهلي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا

بنگل اوڳاهي جي حالت نازڪ هجڻ سبب ڪيس سڪر اسپتال موڪليو ويو پوليس هڪ ڪلاڪ دير پهتي

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۽ آسپاس ۾ امن قائم نہ ٿيو نئين آيل ايس ايس پي عنان سمون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ضلعي انتظاميہ پاران اي سي آفيس تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪلي ڪچهري

صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو ۽ رسول بخش چانڊيو شريڪ

انڊس اسپتال بدين، تعليم، روينيو، پبلڪ هيلٿ، پوليس ۽ حيسڪو سميت مختلف ڪاتن خلاف دانهون

انڊس اسپتال بدين جي وڏي بجيٽ هجڻ جي باوجود اڪثر مريضن کي حيدرآباد يا ڪراچي ريفر ڪيو وڃي ٿو:شهري

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ضلعي انتظاميہ پاران اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو ۽ صوبائي صلاحڪار براءِ بحالي ۽ رليف حاجي رسول بخش چانڊيو پاران عوامي مسئلا ٻڌا ويا ڪلي ڪچهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين: صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو عوام جا مسئلا ٻڌندي

تاريخي ورثو قرار ڏنل مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن جي لاءِ تدفين تي پابندي

مين گيٽ کي بند ڪرڻ سان درگاهہ جي ايندڙ سالياني عرس مبارڪ ۾ سيڪوريٽي رسڪ آهي

حڪومت ڪيل فيصلي تي نظر ثاني ڪري آيل فنڊن ۾ ٽيل ڪرپشن جي جانچ ٿيڻ گهرجي:شهري

اباڻن قبرستانن ۾ لاش دفنائڻ تي مقامي ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ليٽر جاري ڪري ڇڏيو آهي

ٽٽو(�ر) تاريخي ورثو قرار ڏنل مڪلي قبرستان جتي ٽٽي شهر جي قديمي ۽ مقامي ماڻهن جا سوين سال پراڻا تاريخي قبرستان موجود آهن قبرستان ۾ لاش دفنائڻ ۽ درگاهہ عبدالله شاهہ اصحابي جي مين گيٽ کي بند ڪرڻ سان درگاهہ جي ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

مانجهند گورنمينٽ بوائز ڪئمپس هاءِ اسڪول ۾ ستون سالياني لطيف شناسائيءَ جو پروگرام

لطيف شناسائيءَ جي پروگرام ۾ مانجهند تعلقي جي مانجهند، سن، آمري، لاڪا مان شاگرد شريڪ

وائي، بيت بازي، تقرير ۽ ڊرائنگ ۾ حصو ورتو، ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا ويا

اهڙو پروگرام آهي جنهن ۾ شاگردن لطيف سرڪار جي وائي، بيت، صحيح سُر ۽ تلفظ ۾ پڙهن ٿا:عملدار

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند گورنمينٽ بوائز ڪئمپس هاءِ اسڪول مانجهند ۾ ستون سالياني لطيف شناسائيءَ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. لطيف شناسائيءَ جي پروگرام منظورآباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو ۾ هٿرادو مهانگائي جو جن بوتل مان نڪتل، ڪاموراٽنڊ سٽل

انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندا منافع خور دوڪاندارن ۽ واپارين سان پاڳي پائيوار ٻٽيل

پيسن مان چونڊيل نمائندا آفيسر سياسي سماجي اڳواڻ عياشيون ڪرڻ ۾ مشغول آهن

دادو(ن سنڌيار)دادو ۾ هٿرادو مهانگائي جو جن بوتل مان نڪتل، ڪاموراٽنڊ سٽل پرائيز ڪنٽرول اٿارٽي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندا منافع خور دوڪاندارن ۽ واپارين سان پاڳي پائيوار ٻٽيل شهرين جا ٻئي هٿ مٿي تي ٿي ويلا ماني ڪائڻ غريبن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

تيل جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف وارهہ جو عوام روڊن تي نڪري آيو

عمران ابڙو، وحيد پيرزادو، امجد سومرو، سڪندر عباسي، عارف تنيو پاران ريلي

پي ڊي ايم حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪري فاضل راهو چوڪ تي ڌرٿو هنيو ويو

وارهہ (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهہ تيل جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف وارهہ جو عوام روڊن تي نڪري آيو. سماجي اڳواڻ نياز حيدري، عمران ابڙو، وحيد پيرزادو، امجد سومرو، سڪندر عباسي، عارف تنيو ۽ غلام مصطفي کهاوڙ جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

وارهہ: تيل جي قيمتن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف احتجاج ڪيو ويو وڃي

ڪهوڙڪي ٽائوءِ سيڪشن ڪهوڙڪي جي حد ميراڻي بائي پاس وٽ مقابلو

ايس ايچ او اي سيڪشن سب انسپيڪٽر محمد ايوب ڊوگر کي ڳجهي اطلاع ملي

عملدار اسٽاف نشاندهي واري جڳهہ تي پهتو تہ جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني

ڪهوڙڪي (رپورٽ لاڄند موتواڻي) ڪهوڙڪي ٽائوءِ سيڪشن ڪهوڙڪي جي حد ميراڻي بائي پاس لڳ تنڊو فائڪ وٽ پوليس ۽ ڏوهارين جو مقابلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ مورو واسي ڳوٺ درس جو رهواسي سڪندر الرحمان ابڙو پاران احتجاج

34 تان مبينا ٻاٽر ماڻهو جنهن ۾ يار محمد ابڙو، شجاع محمد ابڙو قبضو ڪيو آهي:الزام

ياري نيائيندي ان کان رشوت وٺي اسان جي درخواست جي ٻڌڻي ۾ اسان جي خلاف فيصلو ڏنو

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ مورو واسي ڳوٺ درس جو رهواسي سڪندر الرحمان ابڙو پاران صحافين اڳيان احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي ديہ درس ۾ ابن ڏاڏن جي زرعي زمين آهي جنهن جي جريان نمبر 34 تان مبينا ٻاٽر ماڻهو جنهن ۾ يار محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ناروشاهہ پرسان پورٽي ۾ ڪڪڙن جي ميل لکين روپين جي جوا هلندڙ

پوليس منتقلي عيوض خاموش تماشائي بڻيل ميل سبب سماجي برايون وڌڻ لڳيون

علائقي ۾ بدامني فهلجي وئي آهي ڪڪڙن جي ميل ۾ ڏوهاري قسم جا ماڻهون اچن ٿا

ناروشاهہ (رپورٽر راشد علي ميمڻ) ناروشاهہ پرسان پورٽي ۾ ڪڪڙن جي ميل لکين روپين جي جوا هلندڙ سوين خفيہ ڪنگال تي ويا پوليس منتقلي عيوض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ناروشاهہ پرسان پورٽي ۾ ڪڪڙن جي ميل لکين روپين جي جوا هلندڙ آهي

گلاب لغاري پوليس جون منشيات فروشن خلاف مبينا ڪاروايون

موٽر سائيڪل سميت 3 ڄڻا گرفتار منشيات هٿ ڪيس داخل ڪيو ويو

نثار احمد پسيو محمد يونس سيال ۽ خير محمد سيال کي گرفتار ڪري ورتو

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پوليس جون منشيات فروشن خلاف مبينا ڪاروايون موٽر سائيڪل سميت 3 ڄڻا گرفتار منشيات هٿ ڪيس داخل: خبرموجب گلاب لغاري ٿاڻي جي ايس ايچ او فياز احمد ڀرڙو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دڙي ۾ پاپوليشن ويلفيئر ڪاتي طرفان حاملہ عورتن جي طبي معائني لاءِ ڪئمپ

دڙو رورل هيلٿ سينٽر ۾ فيملي هيلٿ ڊي جي نالي هيٺ مفت ڪئمپ قائم ڪئي وئي

ڊاڪٽرن پاران تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪندي ڪين صفائي جون ڪٽس ۽ دوائون پڻ مفت ۾ ڏنيون ويون

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ پاپوليشن ويلفيئر ڪاتي طرفان حاملہ عورتن جي طبي معائني سوڌو ڪين محدود ٻارن واري بهتر صحتمند زندگي گذارڻ بابت مفيد آگاهي مهم جي سلسلي ۾ دڙو رورل هيلٿ سينٽر ۾ فيملي هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دڙو: پاپوليشن ويلفيئر ڪاتي طرفان حاملہ عورتن ۾ مفت سامان ورهايو ويو

سرحد ۾ سماجي اڳواڻ پاران سوين مستحقن ۾ ڪمبل ورهايا ويا

سيد شفقت بخاري، عبدالحئي ساوند، سڳنو رام، ۽ ٻين پاران سامان ورهايو ويو

يوسي سرحد، يوسي اٽل مراداڻي، يوسي علي باغ، جهانپور شريف جا متاثرين پهتا

سرحد (رپورٽ) سرحد ۾ سماجي اڳواڻ پاران سوين مستحقن ۾ ڪمبل ورهايا ويا. خبرموجب ستي ايڪشن ڪاميٽي سرحد جي چيئرمين سماجي اڳواڻ چيف احمد علي ملڪ، سماجي اڳواڻ سيد شفقت بخاري، عبدالحئي ساوند، سڳنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

قومي عوامي تحريڪ پاران هٿرادو مهنگائي خلاف گولاڙچي شهر ۾ ريلي

شهيد فاضل راهو چوڪ تي سخت نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو ويو، ڪارڪن شريڪ

سنيئر نظاماڻي بجل احمداڻي انور علي ملاح نازمئو مل رميش ڪمار شاعر مير محمد نظاماڻي شريڪ ٿيا

ٻدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ پاران هٿرادو مهنگائي خلاف گولاڙچي شهر ۾ ريلي ڪري شهيد فاضل راهو چوڪ تي سخت نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ گيانچند مهيشوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

حڪومت سنڌ پاران ڳوٺ حسين پٽو ۾ مفت موبائل اسپتال سروس جو انتظام

مريضن جو چيڪ ڪري مفت دوائون ڏنيون ڳوٺ جي عورتن مردن شرڪت ڪئي

مفت موبائل اسپتال ۾ هيپاٽائيٽس سي، شگر، دم بخار، ملير يا، ۽ ٻيون ٽيسٽون ڪيون ويون

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) حڪومت سنڌ پاران ڳوٺ حسين پٽو ۾ مفت موبائل اسپتال سروس ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ طرفان ٽيم ڳوٺ حسين پٽو پهچي وئي جن مريضن جو چيڪ ڪري مفت دوائون ڏنيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊوباگو: فوتي ملازمن جا ورثا احتجاج ڪري رهيا آهن

يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي ڳوٺائن جو گڏيل اجلاس، اهم معاملن تي ڳالهيون

ڪاهي ممن، ڳوٺ سيد اڪبر شاهہ، ڳوٺ فضل محمد لوهاڻ، ڳوٺ حمل پنيرو جا ڳوٺاڻا شريڪ

ڳوٺ عرس سولنگي، ڳوٺ ڪوڙو ميمڻ ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪاميٽي ايڊووڪيٽ امر امتياز، وقار احمد ميمڻ، دبيرالحسن لاڙڪ ۽ ڄام بشارت علي شامل هوندا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي ڳوٺائن جو گڏيل اجلاس سرڪٽ هائوس ڪاهي ممن ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ يوسي جي ڳوٺ ڪاهي ممن، ڳوٺ سيد اڪبر شاهہ، ڳوٺ فضل محمد لوهاڻ، ڳوٺ حمل پنيرو، ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو پريس ڪلب ۾ (ف) ليگ ليبر ونگ پاران پير صبغت الله شاهہ جي سالگرهہ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پريس ڪلب ۾ پاڪستان مسلم فنڪشنل ليگ ليبر ونگ ضلع دادو پاران حضرت پير صبغت الله شاهہ راشدي سائين پاڳارا جي جنم ڏينهن تي دادو پريس ڪلب ۾ سندس 68 هين سالگرهہ جو ڪيڪ ڪٽيو ويو. جنهن ۾ اڳواڻن محمد الياس شاهاڻي گهرام خان شاهاڻي امداد خشڪ سالگرهہ تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: يونين ڪائونسل ڪاهي ممن جي ڳوٺائن جو گڏيل اجلاس، ٽي گذريو

انصاف پاڪستان يوٿ ڪائونسل جي اڳواڻن پاران پيٽروليم اڳهن ۾ واڌ خلاف احتجاج

اعجاز علي نوناري، جنرل سيڪريٽري حميد راجپوت، سينيئر نائب صدر حنيف راجپوت مذمت ڪريون

حڪمران ملڪ ۾ مهانگائي جو سبب بڻجي رهيا آهن، هو غريت گهٽائڻ جون دعوائون ڪٽي آيا هئا:مظاهرين

ٽٽو (رپورٽر) انصاف پاڪستان يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر اعجاز علي نوناري، جنرل سيڪريٽري حميد راجپوت، سينيئر نائب صدر حنيف راجپوت ۔ نائب صدر جاويد لطيف ميمڻ پنهنجي هڪ بيان ۾ امپورٽڊ ۽ رجيم چينج حڪمرانن پاران 170 ارب جا اضافي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان جي نئين چونڊيل ڪونسلرن ۽ سول سوسائٽي سميت شهرين پاران احتجاج

سول سوسائيٽي سميت شهرين پاران وڏندڙ منشيات فروشي خلاف ڇهين ڏينهن پڻ احتجاج جاري

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات مين پڙي ، ڪچي شراب ، آئيس ، هيروئن ، آفيم جا اڈا قائم ٿيا آهن

پوليس جي مدد سان گرفتار ٿو ڪرايو وڃي ادارن ۾ پڻ آئيس جو نشو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي نئين چونڊيل ڪونسلرن ۽ سول سوسائيٽي سميت شهرين پاران وڏندڙ منشيات فروشي خلاف ڇهين ڏينهن پڻ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ان موقعي تي نئين چونڊيل ڪونسلر رضا خاصخيلي الله بخش چوهان ، سماجي اڳواڻ پير احمد جان سرهندي ۽ ٻين چيو تہ ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات مين پڙي ، ڪچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌ حڪومت ۽ هاءِ ڪورٽ سڪر جي حڪم تي سيڪريٽري بحالي ڪاتو نوشهرو فيروز پهتو

پي سي ايم اي جي آفيسرن سان گڏ پريا روڊ ۾ ڪلي ڪچهري ۾ برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جا مسئلا معلوم ڪيا

برساتن سبب سجي سنڌ متاثر ٿي آهي ۽ سرڪار پنهنجي وس آهر ماڻهن جي مدد ڪئي آهي: سيڪريٽري بحالي

شاهد علي آرائين ۽ گورنمنٽ گرلس هائر سيڪنڊري اسڪول پريا روڊ جي هيڊ مسٽري پاڻي بيهڻ جون شڪايتون ڪيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ حڪومت ۽ هائي ڪورٽ سڪر جي حڪم تي اڄ سيڪريٽري بحالي ڪاتو محمد علي ڪوسو ۽ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ پي سي ايم اي جي آفيسرن سان گڏ پريا روڊ ۾ ڪلي ڪچهري ۾ برسات ۽ ٻوڏ متاثرن جا مسئلا معلوم ڪيا ۽ انهن جي حل لاءِ موقعي تي هدايتون جاري ڪيون . ان موقعي تي خطاب ڪندي سيڪريٽري بحالي چيو تہ برساتن سبب سجي سنڌ متاثر ٿي آهي ۽ سرڪار پنهنجي وس آهر ماڻهن جي مدد ڪئي آهي. هن ان موقعي تي ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شهيد عزيز ميمڻ جي وڇوڙي کي 3 سال مڪمل، وارث اڄ بہ انصاف جا منتظر

حق سچ لکڻ تان شهيد ڪرايو ويو-پوليس بچ ڪرائيندڙن قاتلن کي بچائي وئي آهي

شهيد مظلومن جو سائي هو- خدمتون ڪنهن ب صورت ۾ وساري نٿيون سگهجن:اڳواڻ

ڪيترائي دفعا جوابدار ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ قرآن شريف کڻي آيا آهن قرآن شريف کي مان ڏيڻو آهي

مرابهپور(رپورٽر مجاهد علي سامتيو) شهيد عزيز ميمڻ جي وڇوڙي کي ٽي سال مڪمل حق سچ لکڻ تان شهيد ڪرايو ويو پوليس بچ ڪرائيندڙن قاتلن کي بچائي وئي اهڙن خيالن جو اظهار صحافي مولابخش ٽيبو شهيد عزيز ميمڻ جي ٽيئن ورسي جي موقعي تي خطاب ۾ ڪيو هن چيو تہ شهيد مظلومن جو سائي هو سندس صحافتي خدمتون ڪنهن ب صورت ۾ وساري نٿيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

چوٽياريون ويجهو ٽنڊو مناخان ۾ ڪيريا برادري جو بااثر زميندار خلاف احتجاج

ڪيريا برادري گل ڪيريو سومر ڪيريو عطر ڪيريو فوٽو ڪيريو احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسانجو نوجوان ڇوڪرو زاهد ڪيريو ولد عطر ڪيريو مال جي لاءِ ٻنڌي تي گاهہ ويو آهي:مظاهرين

ٻارنهن ماڻهن تي چوٽياريون ٿاڻي تي اين سي ڪٽرائي اسانکي بيگناهہ گرفتار ڪرائڻ چاهي ٿو

چوٽياريون (رپورٽر) چوٽياريون ويجهو ٽنڊو مناخان ۾ ڪيريا برادري جو بااثر زميندار خلاف احتجاج! تفصيل موجب/ ٽنڊو مناخان جي ڪيريا برادري گل ڪيريو سومر ڪيريو عطر ڪيريو فوٽو ڪيريو ۽ ٻين ٽنڊو مناخان ڪان چوٽياريون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ملير جي علائقي يوسي مراد ميمڻ ڳوٺ هاشم خاصخيلي ۾ گٽر اٿلڻ سبب گندو پاڻي دوڪانن ۾ ڪاهي پيو

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ملير جي علائقي يوسي مراد ميمڻ ڳوٺ هاشم خاصخيلي چنا محلہ ۽ باريجا محلہ ۾ گٽر اٿلڻ سبب گندو پاڻي گهرن تواڙي دوڪانن اندر ڪاهي پيو روڊ ۽ گليون گٽرن جي گندي پاڻي سان پرچي ويون خطرناڪ بيمارين جو جنم بہ معصوم ٻيٽڪرين موضي مرض ۾ مبتلا رهڻ بعد فوت ٿا اهل انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

چوٽياريون ويجهو ٽنڊو مناخان ۾ ڪيريا برادري جي بااثر زميندار خلاف احتجاج ڪيو ويو

دڙو لڳ لائق پور جي قديم گرلز پرائمري اسڪول جمعون ڪوڪر جي بلڊنگ مٽيريل جو استعمال

اسڪول بلڊنگ ۾ نيئن پٿر بدران بلڊنگ مان نڪتل پراڻي پٿر سان ديوارون اڏجڻ لڳيون آهن

سيمنٽ جو ريشو تمام گهٽ ۽ ريتي ۽ مٽي جو ڪلي عام استعمال ٿي رهيو آهي:علائقي واسي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو لڳ لائق پور جي قديم گرلز پرائمري اسڪول جمعون ڪوڪر جي بلڊنگ واري تعميراتي ڪم ۾ وڏي پئماني تي ناقص مٽيريل جو استعمال، مبينا ڪرپشن جو انڪشاف، اسڪول بلڊنگ ۾ نيئن پٿر بدران بلڊنگ مان نڪتل پراڻي پٿر سان ديوارون اڏجڻ لڳيون، سوين ٽن لوهہ بغير ڪنهن سرڪاري آڪشن بدران ڪباڙي جي دوڪانن تي وڪرو ڪيو ويو آهي ڳوٺائن جو سخت احتجاج، ناقص ڪم بند ڪرائي فورن جانچ جو مطالبو دڙو لڳ لائق پور جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سسئي پليجو پاران ڏنل سمورين اسڪيمون 12 سال کان اڌ تائين مڪمل نہ ٿي سگهيون

ميگا اسڪيمن ۾ عظيم سپہ سالار شهيد دولہ درياخان جي نالي سان شهيد دولہ دريا پارڪ متاثر

ڪلچرل ڪامپليڪس ٺٽو جڏهن تہ عجائب گهر ٺٽو ۽ ٻين ننڍين اسڪيمون شامل آهن:شهري اڳواڻ

ڪيل ڪرپشن جي جانچ ڪرائي اڏورين اسڪيمن جي تعمير مڪمل ڪرائي مڪمل ڪيون وڃن:ڳالهيون

ٽٽو(جاويد ميمڻ) ثقافت کاتي اڳوڻي صوبائي وزير سسئي پليجو پنهنجي وزارت دوران حڪومت سنڌ کان ٽٽي ۾ ميگا اسڪيمون منظور ڪرايون پر گذريل ٻارنهن سالن کان سمورين اسڪيمون اڌ تائين مڪمل نہ ٿي سگهيون انهن ميگا اسڪيمن ۾ سنڌ جي عظيم سپہ سالار شهيد دولہ درياخان جي نالي سان شهيد دولہ دريا خان پارڪ جڏهن تہ ايشيا جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽٽو: ڏنل اسڪيمون 12 سال کان اڌ تائين مڪمل نہ ٿي سگهيون، احتجاج ڪيو ويو وڃي

ميرپورماٿيلو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ ڪليل ڪچهري ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ فضل محمد شيخ جي صدارت ۾ ٿي گذري

گهوٽڪي (رپورٽ لاڄند موتواڻي) ميرپورماٿيلو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ ڪليل ڪچهري ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ فضل محمد شيخ جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر بهران حيدر لوڌي ايڊيشنل اڪائونٽس آفيسر ميرغلام سرور چاچڙ ۽ ايڊيشنل اڪائونٽس آفيسر فياض حسين سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽائون ڪميٽي ٽنڊو باگو جي صفائي واري عملي جا 2 ملازم گئس چرڻ سبب بيهوش، هڪ فوت

بچائڻ لاءِ مين هول ۾ لهندڙ شهري علي احمد ملاح بہ بيهوش ٿي ويو. جن مان فقير پنگي فوت ٿي ويو

شهري علي احمد ملاح بيهوشي سبب ڪين تعلقہ اسپتال ٽنڊو باگو ۾ داخل ڪيو ويو، حالت ڳڻتي جوڳي

فوتي ملازم فقيرو سدائين ڊيوٽي دوران بند ٽيل گٽرن کي کولين

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 17 فيبروري 2023ع

مني بجيٽ ، مهانگائي جو طوفان

نيٽ اهوئي ٿيو جنهن جو ڊپ هو ۽ حڪومت مني بجيٽ پيش ڪري مهانگائي جي طوفان لاءِ دروازا کولي ڇڏيا آهن جنهن سان غريب عوام جي ڏکي بڻيل زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي ويندي ۽ انهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويندو. مني بجيٽ ۾ 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس لڳائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جڏهن ته حڪمرانن جي دعويٰ آهي ته اها ڪوشش ڪئي وئي آهي ته عام عوام تي انهي جو گهٽ ۾ گهٽ بار پوي جيڪا هر حڪمران دعويٰ ڪندو آهي پر ان جو اثر بهرحال عام عوام جي زندگي تي ئي پوندو آهي. ملڪ جي معيشت ڪيتري وقت کان وئي خراب حالتن ۾ آهي، اڳوڻي حڪومت پاران آءِ ايم ايف سان طئي ٿيل معاملن جي پيڇڪڙي ڪرڻ ڪانپوءِ قرض جي قسط رڪجڻ سبب ملڪي معيشت وڌيڪ خراب حالت ۾ هلي وئي جنهن ڪري آءِ ايم ايف سان تازو ٿيل ڳالهين ۾ وڌيڪ سخت شرط رکيا جنهن جو نتيجو اهي 170 ارب رپين جا نوان ٽيڪس به آهن جنهن جو اثر عوام کي ئي پوڳڻو پوندو. ڪنهن به ملڪي معيشت لاءِ مني بجيٽ جو مطلب عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ هوندو آهي پلي اهو ڪهڙي به نالي ۾ هجي پر ان جو بار غريب عوام تي ئي پوندو آهي. هن مني بجيٽ سان به لڳي ٿو مهانگائي جو اهڙو طوفان ايندو جنهن کي روڪڻ شايد حڪومت جي وس ۾ نه هوندو ۽ ويجهي مستقبل ۾ ڪا بهتري جي اميد نظر نه ٿي اچي.

مني بجيٽ پيش ڪري جنهن انداز ۾ عوام کان وڌيڪ 170 ارب رپيا اوڳاڙيا ويندا. ان مان ظاهر ٿي رهيو آهي ته حڪمرانن کي عوام جو نه خيال آهي نه ئي ان جو احساس آهي. چوڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ ته اها ڳالهه پلي ٿي لڳي ته ڪوشش ڪئي ويندي ته عام ماڻهو تي بار نه وجهجي پر عملي طور قدم اهي کنيا ٿا وڃن ته نپوڙيل عوام کي وڌيڪ نپوڙيو وڃي. حڪومت کي جيڪڏهن عوام جو احساس هجي ها ته پوءِ ٽيڪس لڳائڻ بدران نظام ۾ موجود اهڙا خرچ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها جن سان مراعت يافته طبقي جون مراعتون گهٽ ٿين ها. ڇا اهو ضروري آهي ته جنهن ملڪ ۾ توانائي جي ذريعن سبب گردشي قرض چڙهندا وڃن ان ملڪ جي بيوروڪريسي کان وٺي ججن، جنرلن ۽ چونڊيل نمائندن کي ماهوار مفت بجلي مهيا ڪئي وڃي. ڇا جنهن ملڪ جي معيشت قرض تي هلي اتي مخصوص طبقي جي پروٽوڪول ۽ حفاظت جي نالي تي قومي ناڻو لٽايو وڃي. ڇا جنهن ملڪ جي عوام کي ڪائڻ لاءِ رياست ڪجهه نه ڏئي سگهي انهي عوام جي ٽيڪس جي پئسن تي وڏيون وڏيون گاڏيون ۽ مفت پيٽرول انهي عوام جو نوڪر سڏجندڙ بيوروڪريسي کي ڏيڻ گهرجي جيڪو پاڻ کي عوام جو خادم سمجهڻ بدران مالڪ سمجهڻ لڳو آهي. ايئن ئي ڪوڙ اهڙا غير پيداواري خرچ گهٽائڻ بدران اهي پورا ڪرڻ لاءِ عوام جو رت ست به چوسڻ کان حڪمران نه ٿا مڙن. انهي کان وڌيڪ حيرت ان ڳالهه جي آهي ته جڏهن عوام جي مني بجيٽ جي نالي تي ٽيڪس مڙهيا پئي ويا ان وقت عوام جي وڻن سان چونڊيل اڪثر ميمبر غير حاضر هئا. جڏهن ته ٻيا وري استعيفا ڏئي ايوان مان ئي ٻاهر نڪري چڪا آهن جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حڪمرانن توڙي مخالف ڌر کي عوام جو ڪيترو اونو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته مني بجيٽ آڻي حڪمرانن پنهنجي طبقي جي ماڻهن جو تحفظ ڪيو آهي ته جيئن انهن جا مفاد محفوظ رهن ۽ سڄو بار انهي عوام تي اچلجي جيڪو اڳ ئي مهانگائي جي بار ۾ دٻجي رڳو ساهه کڻڻ جهڙو ئي رهيو آهي.

مهنگائي ڪندڙن حڪمرانن کي پٽ پاراتا ، اثر ڪندا

سيد زوار حسين شاه

